ڊاڪٽر حسين مسرت شاهه

# پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪيل تحقيقي ڪم جو جائزو


## Abstract:

*Popati Ramchand Hiranandani Jnanwalasandi does not need any introduction to literature. The way popti has worked on fiction along with reality is praiseworthy and undeniably powerful. Professor Popati Hiranandani's book Dasha Shastra includes discussion and comparison of Sindhi as an archaic language with other archaic languages along with scientific proofs of Sindhi being original and the oldest amongst languages. Another book titled "Learn Sindhi in 10 days" teaches and informs techniques for non-Sindhi's to learn Sindhi language in a very easy manner and is available in three languages. In this book pooti taught Sindhi speaking to the non sindhis and explain exercises in three languages. In another book "Sindhi jati jo aaeendo" she has further observed and informed present and future possible issues that may arise for "Sindhi language" and Sindhi speakers. This book is based on a questionnaire and survey which was conducted by a committee. Popti Heeranandani is a very keen observer and she has vast knowledge on her subject.*


**ليکڪ** جو پورهيو ئي ان جو تعارف هوندو آهي. پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ته هر ڪنهن کي هوندو آهي ۽ ان جو اظهار نه هرڪو ئي ڪندو رهندو آهي. اسين پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر ڪندا آهيون. پنهنجي قديم ڪلچر ۽ ثقافت تي ناز پڻ ڪندا آهيون. اهو چئڻ ته هر سنڌي ماڻهوءَ جي رت ۾ شامل آهي. پر اهڙا ماڻهو گهٽ هوندا، جيڪي ان ڳالهه جو عملي ثبوت پڻ ڏين. سنڌ ۾ انهن سورهين کي ياد ڪيو ويندو آهي، جن تلوارون کڻي سنڌ حفاظت ڪئي، اهي نعرا اڄ به ڪنن ۾ گونجن ٿا، جيڪي مرڻ قبول ڪن ٿا، پر سنڌ ڌارين کي ڏيڻ نٿا قبولين. انهن سان گڏوگڏ اهي قلمي سورما به موجود آهن. جن پنهنجي قلم وسيلي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو دفاع ڪيو آهي، ۽ دفاعي جنگ ۾ پهرين صفن ۾ رهيا آهن.

پوپٽي، هيراننداڻي، سنڌ جائي اها سورمي ليکڪا آهي، جنهن پنهنجي قلمي





پورهيي وسيلي، سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها محبت ۽ عشق جو اظهار ڪيو آهي.

## ڀاشا شاستر:

”پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ڪتاب ڀاشا شاستر ١٩٦١ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿيو.“(١) هن ڪتاب ۾ ڪل ڇهه باب آهن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي گرامر بابت معلومات سان گڏ ٻوليءَ جي باري ۾ به ذڪر آهي.

”ڀاشا شاستر نه ويا ڪرڻ آهي، نه ساهتيه. ويا ڪرڻ (گرامر) هڪ ئي ٻوليءَ جي هلندڙ روپ کي پڙهڻ ۽ لکڻ جا ڍنگ ٻڌائي ٿو، مقرر ٿيل نيمن جي پوئواري ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو يعني، ڀاشا (ٻولي) جي شدتا (نج پڻي) ۽ اشدتا (بگاڙ) جو ويچار ڪري ٿو ۽ ساهتيه ٻڌائي ٿو ته ڪوتا (شاعري) جي بناوت ڪهڙي ٿيڻ گهرجي، ڪوتا جي اوڻاين کي ڪيئن سڌارجي، ناٽڪ ۽ ناول جا اصول ڪهڙا آهن، آکاڻيءَ کي دلچسپ ڪيئن بڻائجي وغيره وغيره، پر ڀاشا شاستر ٻوليءَ جي آتم ڪٿا يا لفظن جي آکاڻي آهي.“(٢)

پوپٽي هيراننداڻي هن ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي آتم ڪٿا بيان ڪندي، هڪ محقق جي نظر سان، ٻوليءَ جي مختلف لهجن تي به غور ڪندي نظر اچي ٿي، هوءَ اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته مختلف ٻولين کي ڳالهائيندڙ انسان ڪهڙي طريقي سان اچار ڪين ٿا.

### باب پهرئين ۾: سڀ کان پهرين ٻوليءَ کي بحث هيٺ آندو ويو آهي ته ٻولي ڇا آهي؟

هن بابن ۾ ٻولي ڇو ڳالهائي وڃي ٿي، ٻوليءَ جو پڪڙجڻ ڦهلجڻ، ٻوليءَ جا نمونا، لکت جا انداز توڙي سوال اٿاريا ويا آهن ۽ علمي ۽ سائنسي طريقن مطابق انهن جا جواب پڻ ڏنل آهن. پوپٽي صاحبه هن باب ۾ نه صرف سنڌي ٻوليءَ بابت، پر شروعات ۾ ٻوليءَ جي تاريخ بابت بين الاقوامي ماهرن جي راءِ شامل ڪري مثال پڻ ڏنا آهن.

”سنسار ۾ ٻولي هڪ نه آهي. تخمينو ڪري ڏنو اٿن ته ڌرتيءَ تي رهندڙ اٽڪل ٢٧٩٦ ٻوليون ڳالهائين ٿا. هنديءَ ۾ به چوندا آهن ته: ”چار ڪوس پرپاڻي بدلي آٺ ڪوس پرباني بيس ڪوس پر پگڙي بدلي تيس ڪوس پر چاني يعني (چئن ڪوهن جي مفاصلي بعد پاڻيءَ جو سواد بدلبو آهي، اٺن ڪوهن بعد ٻولي ڦرندي آهي، ويهن ڪوهن ڪانپوءِ مٿي جي پڳڙيءَ جو نمونو بدلبو آهي ۽ ٽيهن ڪوهن بعد مڪان ناهڻ

جو طريقو ڦرندو آهي.“

سنڌيءَ ۾ پهاڪو پڻ آهي آهي تہ: ’ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي‘ فقط پنهنجي ئي علائقي جي چوڌاري ڦرجي تہ هڪ ئي ٻوليءَ جا انيڪ روپ ٻڌبا ۽ ڏسبا.“(٣)

ٻوليءَ جي حوالي سان اسان وٽ تحقيقي ڪم ايترو گهٽو نہ ٿيو آهي، هر محقق، پنهنجي تحقيق جي آڌار تي پنهنجي ڪوجنا جو تت بيان ڪيو آهي. دنيا ۾ ٻولين جي تاريخ ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ بابت اجا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. هر ٻوليءَ ۾ مقامي لهجن جا قسم ٿيندا آهن ۽ علائقن جي ثقافت ۽ تهذيب مطابق لفظن جي ڦير گهير ٿيندي رهندي آهي. جنهن کي ’لساني جاگرافي‘ جا ماهر بيان ڪندا آهن.

پوپٽي هيرانندا‌ڻيءَ مختلف ملڪن جي لسانيات جي ماهرن جي راءِ جي آڌار تي ٻوليءَ جي وصف بيان ڪئي آهي ۽ ٻوليءَ جي ابتدا تي روشني وجهندي ٻوليءَ جا فائدا پڻ بيان ڪيا آهن. ٻوليءَ جي سٺي ۽ اخلاقي هجڻ تي زور ڏنو اٿس.

ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ ٻولي سکڻ جي اصولن تي روشني وڌي اٿس ۽ اهو پڻ بحث ڪيو اٿس تہ لفظن جي ڦيري سان ٻيا لفظ ڪيئن ٿا ٺهن .

مثال طور: پوپٽي لفظن جي ڦير گهير جي مکيہ سببن بابت لکيو آهي تہ:”ٻوليءَ جي ڦهلجڻ يا وڌڻ ويجهڻ جو سڄو مدار ساهتڪارن (اديبن) تي آهي، ڇا ڪاڻ تہ ڪوي (شاعر) ڪو جادو ڀري لفظن ۾ ڪوتا جوڙي ٻوليءَ کي ڌنيہ (شاهوڪار) ڪري ٿو ۽ گرنٿڪار هڪ تي ڳالهہ کي جدا جدا ڍنگ سان لکي ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻائي ٿو.“(٤)

هن باب ۾ پوپٽي ڳالهائڻ واري ٻوليءَ، لکت واري ٻوليءَ جي فرق کي پڻ باريڪ بينيءَ سان واضح ڪيو آهي.

**باب ٻئي جو عنوان: ’ٻولي انگ‘ لکيل آهي. هن باب ۾ تفصيل سان گرامر جي اصولن مطابق تفصيل ٻڌايا ويا آهن:**

”کهڙو شُڌ (نج) اسم جي نالي سان سڏيو يا کهڙو فعل آهي. اهي نيم ويا ڪرڻ ٻڌائي ٿو، هر ڪنهن ۾ لاڳاپو هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ اسم، ضمير، صفتون ۽ فعل





ٿين ٿا، جي ’نالا‘ آهن. انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ٻڌائيندڙ حرف جر ۽ حرف جملا ٿين ٿا. ان ڪانسواءِ پيار، عجب، غصو، امنگ ۽ درد ظاهر ڪندڙ حرفِ ندا پڻ ٿين ٿا. ڪن ڪن ٻولين ۾ حرفِ جر يا حرف جملو ٿئي ئي ڪين. چيني ٻوليءَ ۾ اهي ڳالهائڻ جا لفظ ڪونہ ٿيندا آهن .ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اسمن جي جڳهہ بدلائڻ سان پنهنجو مطلب ڪڍي سگهندا آهن.“(٥)

پوپٽي گرامر جا اصول ۽ قائدا جيڪي عام طور تي ڏکيا سمجهيا ويندا آهن، انهن کي نهايت آسان ۽ سولي نموني سان بيان ڪري ٿي سنڌي ويا ڪرڻ جي اصولن کي ٻين ٻولين سان ڀيٽيندي پنهنجي موقف کي چٽو پيش ڪيو اٿس. ڳالهائڻ جي لفظن جي ٽيڪنيڪي وصفن کي پڻ سولي ٻوليءَ ۾ سمجهايو اٿس .لسانيات جي ماهرن مطابق ڳالهائڻ وقت انساني وات جا کهڙا کهڙا حصا، کهڙي طريقي سان پنهنجو ڪم ڪن ٿا، اهو پڻ تمام وضاحت سان بيان ٿيل آهي.

**باب ٽيون: ٻولين جو هڪ ٻئي ۾ ملڻ آوازن جي ادل بدل.**

هن باب ۾ پروفيسر پوپٽي هيرانندا‌ڻي ٻين ٻولين جي لفظن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيڻ بابت بحث ڪيل آهن. ٻولين جو هڪ ٻئي ۾ ملڻ ۽ آوازن جي مٽا سٽا بابت ١٩ سبب بيان ڪيائين. جسماني بيهڪ قوم ۽ علائقي جي آڌار تي لهجن جو فرق ٿيندو آهي، جنهن ڪري هر ٻوليءَ جا سڀ لفظ هر ڪو نہ ٿو ڳالهائي سگهي. ان بابت لسانيات جي ماهرن مختلف سببن تي روشني وڌي آهي. پروفيسر پوپٽيءَ مطابق تہ، "اهي سڀ سبب ڇئن مکيہ سببن جي يادداشت ۾ اچي سگهن ٿا، جي آهن: ١. اڻ ڄاڻائيءَ ڪري، ٢. ڄاڻي واڻي ٻئي جو نقل ڪرڻ ڪري، ٣. پيار ۽ غصي ۾ بگڙجڻ ڪري ٤. ٻيءَ ٻوليءَ جو لفظ پنهنجي ٻوليءَ جي ڍنگ تي پوڻ ڪري. حقيقت اها آهي تہ هڪ طرف پڙهيل ۽ پاڻ ٻوليءَ کي سنواري سڌاري ان جي اچارن وغيره ۾ تفاوت آڻين ٿا تہ ٻئي پاسي اڻ ڄاڻ ۽ اڻ پڙهيل ٻوليءَ جي اچارن کي ڦيرائين ٿا. پڙهيل ’ڳانءَ‘ کي ’گرام‘ ڪري سڌاريندا تہ اڻ پڙهيل ان کي ’ڳام‘ ڇئي بگاڙيندا، پر ’ڳوٺ‘ کي اهي ٿئي نالا ملي پوندا ۽ اچارن ۾ بدل سدل ٿيندي رهندي.“(٦)

پوپٽي لفظن جي بدل سدل جا ١٩ سبب ٻڌائڻ کان پوءِ انهن کي مختصر ڪري ٤٠

مکيه سبب ٻڌايا آهن، ڏنو وڃي ته عام زندگيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي اسين ڳالهائيندا آهيون ۽ انهن جا اچار يا شڪل تبديل پڻ ٿيندي رهندي آهي. سنڌيءَ ۾ هن وقت ڪيترائي انگريزي لفظ آهن، جن مان ڪن کي اسان سنڌي شڪل ڏيئي استعمال ڪريون ٿا ته ڪي وري جيئن جو تيئن استعمال ٿين ٿا. جيئن اسڪول ريڊيو ٽي وي، وغيره ڏنو وڃي ته اهو تمام وسيع موضوع آهي. هن ڪتاب ۾ پوپٽي هيرانندائيءَ تفصيل سان هر پاسي کان بحث ڪري ٻولين ۾ لفظن جو شامل ٿيڻ ۽ انهن جي هيئت تبديل ٿيڻ کي بيان ڪيو آهي. هن سڄي باب ۾ پوپٽي، آوازن جي بدل سدل اچارن جي بدل سدل، جا قسم، بين الاقوامي ماهرِ لسانيات جي راءِ پڻ شامل ڪئي آهي. ان کان علاوه جملن جي بيهڪ، ان ۾ ايندڙ تبديلين جو ذڪر ڪندي آوازن جي پرک ۽ سائنس بنيادن تي آوازن کي جاچڻ وارن اوزارن جو پڻ ذڪر ڪيو اٿس.

**باب چوٿين جو موضوع: ٻولين جا پريوار يا ٻولين جي ڪٽنبن جي ورهاست آهي.**

هن باب ۾ پوپٽي هيرانندائي دنيا جي قديم ٻولين جي تاريخ ٻڌائيندي، انهن جي بنيادن تي روشني وڌي آهي ۽ تاريخي حقيقتن تي بحث ڪيو آهي ۽ ڄاڻايو آهي ته حملي آورن جا اثر، جاگرافيائي بيهڪ ۾ تبديلين باعث ڪيتريون ٻوليون ٿيون ۽ ڪيتريون پراڻيون ٻوليون ختم ٿيون.

**باب پنجون، لپي يا لکاوت جو هنر:**

هن باب ۾ پوپٽيءَ لکاوت جي ٿيڻ جي تاريخ بيان ڪئي آهي. قديم انسان شروعات ۾ تصويرن ۽ ليڪن سان پنهنجو مقصد بيان ڪندو ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. آهستي آهستي اکرن جي بناوت جو بنياد پوندو ويو. باب ۾ تمام تفصيل سان تاريخ بيان ڪئي وئي آهي، جنهن کي سڄو لکڻ ممڪن نه آهي. اوائلي سنڌي لپيءَ بابت مختلف ملڪن جي ماهرن جي راءِ پڻ هن باب ۾ شامل ڪئي وئي آهي.

بيبرڪ هرونيءَ سنڌو لپيءَ جي باري ۾ پنهنجو رايو هيئنءَ طرح ڏنو آهي: "اوائلي هندي لپي (سنڌو لپي) گهٽي ياڳي بدن واري لپي هئي، پر سندس نشانيون رواجي آوازن کي به ظاهر ڪري ٿي سگهيون. لپي يڪ آوازي لپي هئي، نه گوناگون آوازي يعني هر هڪ نشانيءَ هڪ قسم جي آواز کي ظاهر ٿي ڪيو. مثال طور ش، شا،





ٽي لاءِ هڪ ئي نشاني هئي. رڳو ان حرفِ لکت ۾ ڦير گهير ڪئي ٿي. هن لپيءَ جا پد هڪ حرف لکت (Vowel) ۽ هڪ حرف صحيح (Consonant) جا ٺهيل هوندا هئا. جهڙيءَ طرح، ٽي، تا ٽي يا حرف حرف علت جا ٺهيل هئا. جهڙي طرح ا، اي. حرف لکت جي لنبائي، سڌين يا ڏنگين ليڪن سان ظاهر ڪئي ويندي هئي، جي مختلف ليڪون، مختلف نشانين سان لڳل هونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن نشانيءَ مٿان چٽ جي صورت جهڙي شڪل اکر جي لنبائي ظاهر ڪندي هئي. ان قسم جي ويا ڪرڻ جي لنبائيءَ جي صورت ’ڪاما‘ مان وڌي آهي. جا هبرو گليفي هئي. لپيءَ ۾ ڪٽي لنبائي ٽي ڏيڪاري ته ڪٽي ’ر‘ جو مطلب ٽي ظاهر ڪري .اوائلي سنڌو لپي پٽڪ جاتي ۽ ڪريت جي اوائلي لوڪن جي لپيءَ سان به ميل ڪائي ٿي."[٧]

بين الاقوامي ماهرن جي راءِ لکڻ بعد پوپٽي هيرانندائي لکي ٿي ته، "انهن حقيقتن جي آڌار تي چٽي سگهجي ٿو ته: سنڌي ٻولي هڪ پراچين ٻولي آهي ۽ ان ٻوليءَ جي واٽڪي لپي هڪ پراچين لپي هئي. پلٽيءَ جي راءِ موجب دنيا کي آئيوٽا جي شروعات پٽڪ جاتي ڪري ڏني. ڊايوڊورس ان لاءِ سريا جي اوائلي رهواسين کي داد ڏنو آهي، پر هنن حقيقتن مان ظاهر آهي ته پٽڪ جاتي وارا ۽ سريا جا اصلوڪا رهاڪو (هري لوڪ) جيڪڏهن نيٺ سنڌي نه هئا، ته به سنڌين جا پائيبند ضرور هئا ۽ اهڙي طرح دنيا ۾ لکڻ جي هنر جي شروعات ڪندڙن اوائلي سنڌين جو به گهڻو هٿ هو ."[٨]

پوپٽي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ آءٌ سمجهان ٿي ته سائنٽيسفڪ تحقيق جي آڌار تي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

**باب ڇهون: سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي؟**

هن باب ۾ پوپٽي هيرانندائي سنڌي ٻولي بابت مختلف نظرين تي تاريخي بنياد تي بحث ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد بيان ڪيو اٿس. سنڌي ڪنهن ٻوليءَ جي شاخ آهي يا اصلي آهي، اهو تمام وڏو علمي بحث آهي، جنهن بابت اڃا تائين ماهر ڪنهن ڳالهه تي متفق ٿيندي نظر نٿا اچن.

"سنڌي جديد هند آريائي ٻولين ۾ آڳاٽي ، هئڻ جي باوجود پڻ محاوري

واري ٻولي آهي ۽ ڪيس پنهنجي خصوصيت ۽ مٺرتا آهي. سنڌيءَ ڪي ڪي آواز (حرف) نج پنهنجا آهن. جهڙوڪ ڄ، ڳ، ڏ، ٻ وغيره هي اچار پر واري راجستاني ۽ گجراتيءَ ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي آواز، هندڪي زبانن ۽ اوپر بنگاليءَ ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا."[۹]

پوپٽي ان علمي بحث ۾ گهڻا حوالا بين الاقوامي لسانيات جي ماهرن جا ڏنا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت تي روشني وجهڻ سان گڏوگڏ سنڌي لپيءَ جي اختلاف تي پڻ بحث ڪيو آهي. ڪجھ ماهر، سنڌيءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ کي بهتر ٿا سمجهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڪئپٽن جارج اِسٽڪ جي راءِ اهم آهي.

"سنڌي سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، پر سنڌي ۽ سنسڪرت ٻنهي جو بنياد ساڳيو آهي، ٻنهي جو سرچشمو سنڌو ماٿر جي اصل آريائي ٻولي آهي. سنسڪرت اوائلي مول پاشا جو هڪ روپ آهي ۽ سنڌي ٻيو روپ، هڪ ماءُ جون ڌيئون هئڻ ڪري ٻنهي ۾ سمانتا (برابري) آهي."[۱۰]

پوپٽي هيراننداڻيءَ جو هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، ٻيهڪ، ان جي ٻين ٻولين سان تعلق، حملي آورن ۽ جاگرافيائي تبديليءَ جي ڪري ٻولين تي اثر ۽ لپيءَ جي مسئلن تي بهترين معلومات ڏئي ٿو، باقي ڪنهن به محقق سان متفق نه ٿيڻ جو اهو مطلب نه هوندو آهي ته ان جي پورهئي کي رد ڪيو وڃي. آئون سمجهان ٿي ته هن ڪتاب کي سمجهڻ ۽ ان ۾ اٿاريل سوالن تي تحقيق جي ضرورت آهي.

## (۲) ۱۰ ڏينهن اندر سنڌي سکو:

پهرين صفحي تي سنڌ جي نقشي اندر خوبصورت شعر لکيل آهي.

پيرن هيٺان ڪين آ ڌرتي،
سنڌ ڏيئي اسان پونءِ نه ورتي،
رهي پهچان صرف ٻوليءَ سان،
زنده رهون جي زنده آ زبان.(پوپٽي)

هن ڪتاب جي خاص ڳالهه اها آهي ته، هي ڪتاب ٽن ٻولين ۾ لکيل آهي ته جيئن سهيڙيندڙ ۽ سکندڙ آساني سان سکي سگهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي لفظن جي





سڃاڻپ، اعرابن جي سڃاڻپ ۽ هجي پڻ سيکاري ويئي آهي .

هن ڪتاب جي لکڻ جي خيال اچڻ بابت پوپٽي لکي ٿي ته: "شهر شهر گهمندي ڏٺم ته سنڌي سکڻ جي چاهنا هوندي به ڪيترا سنڌي ٻار اسڪول ۾ ، بندوبست نه هئڻ ڪري سنڌي سکي نه ٿا سگهن. سنڌي سکڻ لاءِ جيڪي به ڪتاب ڇپيا ويا، انهن ۾ سنڌي ڏاران ئي سنڌي سکڻ جو طريقو ٻڌايو ٿي ويو. ان ڪري هندي ايراضيءَ ۾ رهندڙ ٻار يا ڪانوينٽ ۾ پڙهندڙ ٻار ان ڪتاب جي مدد وٺي نه ٿي سگهيا. مان ماهر نه آهيان، نه سنڌي ٻولي ڄاڻڻ ۾ نه سيکارڻ جي طريقي ڄاڻڻ ۾، پر من جي تيز جذبات ڪارڻ ڪتاب تيار ڪرڻ ويٺس. ان ڪتاب ۾ هندي توڙي انگريزيءَ ڏاران سنڌي سيکارڻ جي ڪوشش ڪيل آهي."[۱۱]

هن ڪتاب ۾ ۲۴ سبقن اندر سولي نموني سنڌي سيکارڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن کي سمجهايو ۽ سيکاريو ويو آهي. ان کان علاوه بنيادي سنڌي ويا ڪرڻ بابت پڻ جوڳي ڄاڻ موجود اٿس. هڪ ڳالهه اها به غور طلب آهي ته، اسين جڏهن به، ڪنهن ڪتاب ۾ جملا پڙهندا آهيون، اڪثر گرامر سيکارڻ لاءِ مثال طور جملا نهرائبا آهن. ته انهن ۾ سورهيائي، بهادريءَ جي نالن لاءِ مردن جا نالا لکيل هوندا آهن. پر پوپٽيءَ پنهنجن مثالن ۾ عورتن جا نالا پڻ شامل ڪيا آهن.

"جهاسنيءَ جي راڻي دلير هئي.
سنڌ جي راڻي لاڏي جنگ جي ميدان ۾ لڙي هئي."[۱۲]

تمام معلوماتي ڪتاب آهي، جنهن جي وڏيڪ ڇاپن جي گهرج محسوس ٿئي ٿي.

## (۳) سنڌي جاتيءَ جو آئيندو:

هي ڪتاب پوپٽي هيراننداڻيءَ جي تحقيقاتي رپورٽ آهي، جنهن ۾ سندس ٻانهن ٻيلي ٻيا محقق پڻ آهن. هيءَ رپورٽ باقاعده مختلف علائقن جا دورا ڪري پوءِ تيار ڪيل آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌي قوم سان پيش ايندڙ مسئلن ۽ ان جي مستقبل بابت خدشا ۽ انديشا بيان ڪيل آهن. هن ڪتاب جي تياريءَ لاءِ سروي پڻ ڪيو ويو، جنهن ۾

ساڃاهه وندن کي سوال نامو موڪليو ويو، جنهن جي بنياد تي ڪتاب ترتيب ڏنو ويو.

”سنڌي جاتي جنهن ڇڙوڇڙ حالتن هيٺ رهي ٿي. ان ۾ هميشه خطرو ٿو رهي ته الڳ الڳ پرانتن (صوبن) ۾ ورهايل هئڻ ڪري، يڪ وجودگي ڪيئن قائم رکندي ۽ پنهنجي ساهت، ڪلاءِ سنسڪرتيءَ کي ڪيئن بچائي سگهندي. حالتون جنهن تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن، ان ۾ هڪ وڏو خطرو آهي ته ايندڙ ڏهن پندرهن سالن ۾ سنڌي جاتي هڪ طرف پنهنجي ڀاشا (ٻولي) ۽ سنسڪرتيءَ (تهذيب) کي ڀلجي ويندي، ٻئي طرف الڳ پرانتن ۾ ورهايل حياتي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندين پوءِ سنڌي جاتي اتهاس ۾ گويا هڪ وساريل باب ٿي رهجي ويندي.“(١٣)

هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي اهم مسئلن طرف ڌيان ڇڪايل آهي: ”سياويڪ سنڌين جي سنڌيءَ ۾ تعليم وٺڻ ۾ مشڪلاتون ۽ رنڊڪون وڏيڪ ۽ سهولتون ۽ فائدا گهٽ آهن ۽ اڄ هزارين اهڙا سنڌي آهن، جي فقط نالي ۾ سنڌي آهن. باقي ٻيءَ طرح نه سنڌي لکي ڄاڻن، نه پڙهي ڄاڻن ۽ سمجهي سگهجي ٿو ته ان ٿهيءَ جي سنڌين جو سنڌي ٻولي خواه سنڌي جيون سان ڪهڙو لڳ لڳاءُ رهندو ۽ جو خطرو اڄ اسين محسوس ڪري رهيا آهيون، ان جي بجاءِ سوچڻ ۽ سمجهڻ ۾ اهڙن سنڌين جو ڪيترو ساٿ ۽ سهڪار رهندو يا ان لاءِ ڪهڙو هڏ ڪر ڪندو؟ ايئن ته ڪيتري وڏي ۽ پراڻي ٿهي سان واسطو ٿيندڙن سنڌين جي هن بنيادي مسئلي ڏانهن ادانستا وارو رخ آهي، پر ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اهو رخ انهن صاحبن پنهنجي شخصيت ۽ شخصي فائدن کي ئي خيال ۾ رکي اختيار ڪيو آهي.“(١٤)

هن ڪتاب ۾ سنڌي ساهتيه لاءِ پڻ اون ڏيکاريل آهي ۽ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي ويل سنڌي ماڻهن جي تڪليفن ۽ مسئلن جو اڀياس پڻ ڪيل آهي. پر ڏٺو وڃي ته اهي اڳيان معاملا سنڌين کي هن ملڪ ۾ پڻ درپيش آهن، سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا جاگرافيائي حدن کان ٻاهر آهن، ڇو ته ٻوليءَ جي ۽ ادب جي ڪا به سرحد نه هوندي آهي.

اسان وٽ سنڌ ۾ به اهو مسئلو موجود آهي ته سنڌي ٻولي، نجي تعليمي ادارن ۾ به پڙهائي نٿي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ نئون نسل پنهنجي ٻوليءَ سکڻ کان محروم رهجندو پيو وڃي. ٻي اهم ڳالهه ته نئين ٿهي سمجهي ٿي ته سنڌي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ سان هو ترقي نه ڪري سگهندا يا وري اها سوچ عام آهي ته سنڌي ٻولي سکڻ سان، هو





بين الاقوامي طور تي مڃتا نه ماڻي سگهندا ۽ نه وري سائنسي علمن ۾ اڳتي نڪري سگهندا. سرڪاري سطح تي پڻ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪا حڪمت عملي جوڙيل نظر نٿي اچي. ۽ سنڌي ٻولي اسان جي عام ڪارو وهنوار ۽ بازار ۾ به گهٽ استعمال ٿئي ٿي.

پوپٽي هيراننداڻيءَ جي هنن ٽنهي ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان بي پناهه پيار ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻي ڳالهه ته سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مسئلا سامهون اچن ٿا ۽ وڌيڪ تحقيق لاءِ رستا نظر اچن ٿا. آئون سمجهان ٿي ته، تحقيق سرحدن جي تعصب پٺي ۽ مذهبي مت ڀيد کان مٿاهين هوندي آهي، پوپٽي هيرانندڻيءَ جي ڪم تي ۽ ان جي ۽ تحقيق ۾ لکل سوالن تي مزيد تحقيق جي ضرورت آهي. ڳالهه خواهش ۽ شوق کان وڌيڪ محبت جي آهي، ڪم ڪرڻ ۽ ٽيڻ جي وچ ۾ ڳانڍاپو عشق جو آهي، جو جيڪو ڪجهه سوچجي، اهو ڪري ونجي پوپٽيءَ به ايترو ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي عشق ۾ قلم ڪنيو ۽ ڪتاب تخليق. ٿيندا ويا. اها شعوري ڪاميابي آهي، جنهن جو ڪو به ملهه لڳائي نٿو سگهجي.

## حوالا


1. هيرانندڻي، پوپٽي، ’ڀاشا شاستر‘،ڪرم چنداڻي چندن پرٽننگ پريس، هاسلي ٽنڪ لين، مُمبئي، 1961ع.
2. ساڳيو، ص: 4.
3. ساڳيو، ص: 8.
4. ساڳيو، ص: 38.
5. ساڳيو، ص: 59.
6. ساڳيو، ص: 92.
7. ساڳيو، ص: 198 -197.
8. ساڳيو، ص: 201.
9. ساڳيو، ص: 203.
10. ساڳيو، ص: 265.
11. ساڳيو، ص: 1.
12. ساڳيو، ص: 23.
13. ساڳيو، ص: 45.
14. ساڳيو، ص: 45.